ڳالهہ خط ۾ لکيل آهي. پر باباجن چيس تہ ”خط مونکي پڙهي ٻڌاءِ.“ خط ٻڌڻ بعد بابا چيو تہ ”مونکي تہ ائين ٿو لڳي تہ سيٺ (دامو) شايد پاڳل ٿي پيو آهي. کيس لکي موڪل تہ تو وٽ گهر ۾ ڪا ڪمي ڪانهي. توکي سنتوس ڌاري آن مان ئي گذران ڪرڻ کپي. ۽ لکن جي چڪر ۾ پوڻ نہ گهرجي. بهتر آهي تہ باباجن سان روبرو اچي ملو.“

شاما جي جواب ملڻ تي، داموءَ جي آشائن جو قلعو ڊهي اچي پٽ پيو ۽ شاما جي صلاح تي يڪدم شرڊيءَ ۾ اچي، بابا جو درشن ڪري، سندن پيرن دٻائڻ ويٺو. دل ۾ سوچي آيو هو تہ بہ لکن جي سوديءَ ۾ باباجن جو بہ حصو رکندس پر کيس همت ئي نہ ٿي، جو اها ڳالهہ باباجن سان شروع ڪري پر انترجامي باباجن سندس اندر پروڙي پاڻيهي چيو تہ ”بابو، مان پاڻکي انهن سنساري جهنجهٽن ۾ ڦاسائڻ نٿو چاهيان.“ اڳتا اهڙو ٻڌي، بہ لکن جي ڪپهہ جي سوديءَ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ ٻچاءَ تي ويس.

ٻوءِ وري اناج، ڪٽڪ، چانور وغيره جي سودن ڪرڻ جو ويچار دل ۾ آيس تہ باباجن جڏهن چيس تہ ”روپئي جا (۵) پنج سير خريد ڪري، ست سير روپئي ۾ وڪڻي سگهندين ڇا؟ تڏهن يڪدم ڊڄي ويو ۽ خيال لاهي ڇڏيائين. باباجن جي (پوشيده واٽي) اڳڪتي

سڄي نڪتي. آاناج وغيره جا اگهه ٻه مهنا چڙهندا ويا پر بوء لهي اچي پٽ پيا. جن ٻه فائدي جي خيال کان اناج وٺي سوگهو ڪري رکيو هو، تن کي نقصان سهڻو پيو. مطلب ته دامو آئا کي، اِنهيءَ مصيبت کان پڻ باباجن بچائي ورتو. اِنهن ٻنهي ڳالهين بعد، دامو آئا جو وشواس، باباجن ۾ ايترو وڌيو، جو حياتيءَ پــر سندن پڪو ڀڳت ٿي پيو.

"ستگور سک کي ڪرڻي پرتپال،
شيوڪ ڪئه گــور سدا د ئيال."

گور واڻي.

## آنبن جي ليلا رسٽي سنتان جو ور ڏيڻ

هڪ ڀيري "گوئا" مان زالي ناالي هڪ پريميءَ، (٣٠٠) آنبن جو پارسل شاما جي نالي شرڏيءَ ۾ موڪليو. آنب سڀ سلامت نڪتا ۽ باباجن آنبن وراهڻ جو ڪم شاما تي رکيو پر اُن مان چار آنب ڪڍي، داموا آئا لاء ڌار ڪري رکيائون. داموآئا کي ٽي اِستريون هيون. پر هن هڪ پاسُ ۾ چيو هو ته کيس ٻه اِستريون آهن. کيس سنتان ته ٻه ڪانه پيدا ٿي. گهڻيئي جوتشي پڇيائين پر سيني چيس ته تنهنجي جنم ڪنڊليءَ ۾ پاپي گرهه هئڻ ڪري، توکي سنتان جو سک ملڻو ئي ناهي، ته به

باباجن ۾ هن جو اٽل وشواس هو ۽ هو پارسل ملڻ کان پوءِ مسجد ۾ پوڄا وغيره ڪرڻ لاءِ آيو.

باباجن کيس ڏسي چيو تہ ”ماڻهو هتي اُنبن لاءِ چڪر پيا ڪائين ۽ هي اُنب جنهن داما جا آهن، تنهنکي ڏيو تہ کائي مري!“ مرڻ اکر ٻڌي داما دهلجي ويو، جڏهن تہ ڇاتيءَ تي هٿ رکي هو مان جو مدگر لڳس، پر پيگٽ مهالساپتي کيس سمجهايو تہ مرڻ لفظ جو ارٿ آهي ”اهنڪار جو ناس.“ تنهن ڪري ڊڄ نہ، اُنب پرساد آشيرواد سمجهي وٺ. داما ان تي خوش ٿي اُنب پرساد وٺڻ لاءِ تيار ٿيو، تہ باباجن چيس تہ ”هي اُنب تون نہ کائجانءِ پر پنهنجي ننڍي استريءَ کي کارائج. هن اُنب کائڻ بعد، هن کي چار پٽ ۽ چار ڌيئرون پيدا ٿيندي.“ اها آگيا پائي متو ٽيڪي اُنب وٺي اچي ننڍي استريءَ کي ڏنائين. مطلب تہ باباجن، جوتشين کي غلط ثابت ڪري، ۽ وڌاتا کي اُلٽو ڪري بہ داما کي سنتان جو سک ڏنو.

”چنڊ بناسي، سوُر بناسي، اِڪ ساڌ وچن اٽل ادا.“
(گوروائي)

باباجن سنگت ۾ بار بار چوندا هئا تہ ”مون ۾ پوُرن وشواس رکو. منهنجي ديهہ تياڳڻ بعد بہ، منهنجي گڏ کيل هاڻيءَ تي نهيل سماڌي بہ اوهان سان مون وانگر ئي وار تالاپ ڪندي رهندي، آشائن جو سند پش

پهچائيندي رهندي. اِن ڪري نراس نہ ٿجو ۽ ياد رکو تہ جيڪي بہ منهنجو (نرنتر) لڳاتار سمرن ڪندا رهندا ۽ جن جي مون ۾ پوُرن شردا هوندي، تن کي وڏيڪ فائدو ٿيندو رهندو."

## اَنترياميِ پرڪ، سوامي، اَن بولنَ هي جانهہ حال

هيماڊ پنت جو چوڻ آهي تہ هڪ دفعي مان، باباجن جي چرتن ۾ ويٺو هوس تہ منهنجي من ۾ بہ سوال پيدا ٿيا (١) تہ جيڪي بہ ماڻهو باباجن جي درشن ڪرڻ لاءِ شرڊيءَ ۾ اچن ٿا، اُنهن سڀني کي لاڀ پهچي ٿو يا نہ؟ (٢) باباجن جي مها سماڌيءَ ۾ لين ٿيڻ بعد، منهنجو آسرو هليو ويندو تہ پوءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟ اندر ئي اندر ۾ مون کي ٻہ جواب مليا: (١) اَنب جي وڻ ۾ جيترو ٻوُر لڳندو آهي، اُهو سڀ جي سلامت رهي تہ اُن مان جيڪر اَڻ ڳڻيا اَنب پيدا ٿين. ليڪن ائين ٿيندو آهي ڇا؟ ٻوُر جو گهڻو حصو تہ هوا ۾ لڏي لڏي ڪري پوندو آهي. ڪجهہ حصو ڦلندو ۽ ڦولندو آهي، جن مان اَنب پيدا ٿيندا آهن، پر اُنهن مان بہ ڪي سخت هوا يا طوفان لڳڻ ڪري، ڇڻي ڪري پوندا آهن، جنهن ڪري باقي ڪي ٿورا اَنب وڃي بچندا آهن. جواب (٢) تون جڏهن بہ ۽ جتي بہ منهنجو سمرن ڪندين، مان توسان اَنگہ سنگہ اچي سهاءِ

ڏيندس." باباجن مون سان اَنگ سنگ ڪئي تيا تنهنجا پولڪش ۾ مثال -(١) ١٠-١-١٩١١ع ۾ منهنجو ياءُ مون کان اَلڳ ٿي ويو ۽ منهنجي پيٽ گذر ڪري ويٺي ۽ منهنجي گهر ۾ ٻه چوري ٿي، جنهن ڪري پوليس جاچ ڪري رهي هئي. انهن ٽنهي ڳالهين مونکي ذري گهٽ پاڳل بڻائي ڇڏيو، پيٽ جي مرڻ ڪري، مان دک وچان روئي روئي اَڌ مئو ٿي پيس، پر جڏهن باباجن جي چرنن جي شرڻ وچي ورتم تڏهن مون کي مذر وچن سان ڌيرج ڏ ڀئي، آيا ڪلڪوٽيءَ جي گهر وٺي هليا جتي منهنجي مستڪ تي خود چندن لڳايائون ۽ "پورنپوري" پرساد کارايائون. (٢) منهنجي گهر جي چوريءَ ۾ منهنجي استريءَ جي مڻين جي سڀي پيتي ۽ منگل سوٽر وغيره چوري ٿي ويا. مون باباجن جي تصوير اڳيان روئي اَرداس ڪئي ته ٽڪ ٻئي ڏ ڀهن، جيڪو ماڻهو چوري ڪري ويو هو، اُهو مڻين جي پيتي سلامت واپس ڏئي ويو ۽ معافي پڻ ورتائين.

"ساڌ ڪي مهما ساڌ بن آئي،
نانڪ ساڌ پرڀ ڀيد نه ڀائي."

(گوروائي)